
# نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسماني طاقت

21-November-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسماني طاقت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰي اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)-

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مُصافحو ڪن (يعني هٿ ملائين) ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن.

(مسندِابي يعلي، مسند انس بن مالک، ۳/۹۵،حديث:۲۹۵۱)

ڪعبے کے بدرالدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رَبِيعُ الاَوَّل جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هر طرف مني مني آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ترانا آهن- عاشقانِ رسول مدحتِ مُصطفيٰ سان پنهنجي دِل ۽ دِماغ کي

مهڪائي رهيا آهن، ★ **ڪٿي** سندن جي **وِلادَت** جو ذِڪر آهي تہ ڪٿي سندن جي **ڪمالات** جو تذڪرو آهي- ★ **ڪٿي** سندن **سِيرت** جو بيان آهي تہ ڪٿي سندن **مُبارَڪ صُورت** جو ذِڪر خير آهي-★ **ڪٿي عِبادتِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي تہ ڪٿي **سلطنتِ مُصطفيٰ** جا چرچا آهن-★ **ڪٿي شَفاعتِ مُصطفيٰ** جا تذڪرا آهن تہ ڪٿي سندن جي **عنايتن** جا چرچا آهن-★ **ڪٿي** سندن جي **عظمتن** جو بيان آهي تہ ڪٿي سندن جي **رِفعتن** (بُلندين) جا تذڪرا آهن-★ **ڪٿي طا قتِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي تہ ڪٿي **شُجاعتِ مُصطفيٰ** جا تذڪرا ڪيا پيا وڃن- ★ **ڪٿي نگاهِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **عطاءِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي- ★ **ڪٿي خاندانِ مُصطفيٰ** جا چرچا آهن تہ ڪٿي **برڪات نبوت** جو بيان آهي-★ **ڪٿي معجزاتِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **اَخلاقِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي-★ **ڪٿي اِختيارات مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **نوازشاتِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي-★ **ڪٿي هجرتِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **اِستقبالِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي - جڻ تہ **ذرّو ذرّو ميلادِ مُصطفيٰ** جي برڪتن سان پنهنجو حصو سميٽي رهيو آهي- انهيءَ مُناسبَت سان اڄ اسان بہ رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ **جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌنداسين-**

الله پاڪ اسان کي سچو بيان سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب فرمائي- اچو! سڀ کان پهريان انهيءَ باري ۾ هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## نبي ڪريم ۽ عرب جو مشهور پهلوان

مڪي جي ويجهو ڳوٺ ۾ رُڪانہ نالي پهلوان رهندو هو- ان جو نسبي تعلق خاندانِ بنو هاشم سان هو، هو تمام ئي طاقتور، وڏي زور وارو، زبردست رعب ۽ دبدبي وارو ۽ مار ڪٽ ڪرڻ وارو شخص هو- ”جبل اِضَم“ جي وچ ۾ هڪ سرسبز وادي هئي جتي هو ٻڪريون چاريندو هو- هن وادي ۾ ڪنهن کي چرپر ڪرڻ جي جُرئت نہ هوندي هئي- ماڻهو ان جي سامهون اچڻ کان لهرائيندا هئا- مشرڪن ۽ بين اسلام جي دشمنن جي غلط ڳالهين ڦهلائڻ جي ڪري هو رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سان شديد نفرت جا

جذبات رکندو هو- ان جي دشمني هن حد تائين وڌي وئي جو مَعَاذَالله هو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شهيد ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو- اُمّت تي مهربان، ٻنهي جهانن جا سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن به قسم جي خطري کي بغير ڪنهن خاطر ۾ آڻيندي هڪ ڏينهن دينِ اسلام جي دعوت جي لاءِ رُڪانہ جي وادي ۾ اڪيلا تشريف کڻي ويا- اتي رُڪانہ به ٻاهر اچي ويو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي مڇرجي پيو ۽ تڪبر جي نشي ۾ بدمست ٿي چيائين: **يامُحَمّدُ!اَنْتَ الَّذِي تَشْتِمُ اٰلِهَتَنَا** يعني اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان ئي آهيو جيڪي اسان جي معبودن کي بُرو چئو ٿا؟ ان کان پوءِ هو وڏيڪ ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو: اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان اسان جي معبودن کي بُرو ۽ ڪمزور چئو ٿا ۽ پنهنجي خدا جي وڏائي بيان ڪريو ٿا- جيڪڏهن منهنجو اوهان سان خانداني رشتو نہ هجي ها تہ اڄ مان اوهان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيان ها پر اوهان کي مان بغير مقابلي جي وڃڻ نہ ڏيندس-

ان کان پوءِ رُڪانہ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پاڻ سان کُشتي وڙهڻ جي دعوت ڏني ۽ چيائين: مان پنهنجي خدائن کي سڏيندس ۽ اوهان پنهنجي خدا کي مدد جي لاءِ پڪاريو- جيڪڏهن اوهان مون کي هارائي ڇڏيو تہ مان اوهان کي ڏهہ ٻڪريون ڏيندس- رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جو چيلنج قبول ڪري ورتو ۽ ان سان ڪشتي وڙهڻ جي لاءِ آماده ٿي ويا- پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ رُڪانہ جي هٿن ۾ هٿ ڏنا ۽ ان جو چنبو مروڙيائين- رُڪانہ جا هوش اُڏامي ويا ۽ هو درد سان تڙپڻ لڳو- پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ڌڪو ڏنو تہ هو سڪل پَن جيان زمين تي ڪري پيو- رُڪانہ کي پنهنجي ٻازو جي قوت تي ناز هو، هو سوچي بہ نہ پئي سگهيو تہ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن طرح ڪجهہ لمحن ۾ ان کي اهڙي طرح ڪيرائي وجهندا- جيڪو ڪجهہ ٿيو ان جي توقع جي خلاف هو پر رُڪانہ ان کي اتفاق سمجهندي هار نہ مڃي- هوش بحال ٿيا تہ ان ٻيهر ڪشتي وڙهڻ جي درخواست ڪئي- پاڻ عَلَيہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان جي درخواست منظور ڪئي- پر ان جو نتيجو بہ پهريان کان مختلف نہ هيو يعني هن ڀيري بہ هو گهڙي کن ۾ هارجي ويو- رُڪانہ حيرت ۾ پئجي ويو- ان جي

وهم و گمان ۾ به نه هو ته ان جهڙي ڪنڌار پهلوان جو اهڙو حشر ٿيندو- پر اجا به هو شڪست قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هو- ٽئين ڀيري وري ڪشتي وڙهڻ جي درخواست ڪئي جيڪا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبول ڪئي- ٽئين ڀيري به شڪست ان جو مقدر ٿي ۽ هو پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي زورِ بازو جي تاب نه سهي ڪري پيو ۽ چيائين: اهو سڀ ڪجهه اوهان نه ڪيو بلڪ اوهان جي غالب ۽ قادر معبود الله ئي ڪيو آهي جڏهن ته منهنجي خدائن مون کي رسوا ڪيو آهي- (دلائل النبوة للاصبهاني، الفصل التاسع عشر ، ذكر خبر ركانة، ٢/ ٢٣٥ماخوذاً)

هتي اها ڳالهه به ملي ٿي ته رڪانه پهلوان چيو هو ته جيڪڏهن اوهان مون کي ڪيرائي ڇڏيو ته مان مسلمان ٿي ويندس ته پوءِ رڪانه مسلمان ٿي ويو، يعني انهيءَ وقت اسلام ڪٺي آيو جڏهن ته هڪ روايت جي مطابق ان فتحِ مڪه جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو هو. (شرح الزرقانى على المواهب،الفصل الثانى فيما اكرمه الله...الخ، ١٠٢/٦)

شهزادهءِ اعليٰ حضرت، مفتي اعظمِ هند مولانا مُصطفيٰ رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڇا ته خوب فرمائن ٿا:

سب سے اعلیٰ عزّت والے　　غلبہ و قہر و طاقت والے
حُرمت والے کرامت والے　　تم پہ لاکھوں سلام
تم پہ لاکھوں سلام

ظاہر باہِر سیادت والے　　غالب قاہر ریاست والے
قوت والے شہادت والے　　تم پہ لاکھوں سلام
تم پہ لاکھوں سلام

بگڑی ناؤ کون سنبھالے　　ہائے بھنور سے کون نکالے
ہاں ہاں زور و طاقت والے　　تم پہ لاکھوں سلام
تم پہ لاکھوں سلام

(سامانِ بخشش، ص٨٩-٩٠)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ الله! اوهان ڏٺو ته اسان جا پيارا آقاءِ مديني وارا مُصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ ڪيترا طاقتور ۽ اعليٰ اخلاق جا مالڪ هئا جو سامهون وارو وڙهڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ڪشتي جو چيلنج ڪري رهيو آهي، سخت لهجي ۾ ڳالهه ڪري رهيو آهي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي پر قُربان وڃجي حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، محبوبِ رَبِّ دَاوَر صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي خُلقِ عظيم تي جو سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ بدران حِلم و بُردباري، صبرو استقامت ۽ نرمي سان ڪم وٺندا رهيا-

۽ اها رحمت عالم، شاهه بني آدم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري عادت هئي جو بداَخلاقي ڪرڻ، چڙٻڻ، ڌمڪيون ڏيڻ يا گُهورڻ يا ڪنهن به قسم جي بد اَخلاقي ڪرڻ واري سان به الفت ۽ پيار ڀريو برتاؤ ڪندا هئا، ۽ بداَخلاقي سان پيش اَچڻ واري تي به لطف و ڪرم ڪندا هئا ۽ ان کي پنهنجي حسين اَدائن جو اَسِير (قيدي) بڻائيندا ها- حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِیَ اللہ عَنْھا فرمائن ٿيون ته رسولِ اللّٰه صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ راهِ خدا ۾ جهاد جي علاوه ڪڏهن ڪنهن شيءِ، عورت يا خادم کي پنهنجي دست اقدس سان نه ماريائون، ۽ نه ئي ايذاء پهچڻ تي ايذاء ڏيڻ واري کان بدلو ورتائون، البت جڏهن اللّٰه پاڪ جي حُرمت کي ٽوڙيو ويندو هو ته رسول اکرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ اللّٰه پاڪ جي لاءِ ان کي سزا ڏني-

( مسلم،کتاب الفضائل،باب مباعدته للآثام--- الخ، ص۹۷۸، حديث:۶۰۵۰)

رسول اکرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي انهيءَ اَخلاقِ ڪريمانه جي برڪتن سان فيضياب ٿي ڪيئي ماڻهن اِسلام قبول ڪيو ۽ بي شُمار ماڻهن جي زندگين ۾ اهڙو مدني انقلاب پيدا ٿيو جو هر پاسي اسلام جي ڦهلجڻ واري روشني گمراهي ۽ ضلالت جي اونداهين کي مٽائي ڇڏيو ۽ قتل و غارت گَري ڪرڻ وارن رت جي پياسن کي جامِ محبت پيئڻ نصيب ٿيو-

دَورِ جہالت تھا ہر سُو جب کُفر کی ظُلمت چھائی تھی
تم نے حیوانوں جیسے لوگوں کو بھی اِنسان کیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان جو ڪردارءِ درگذر

اي عاشقانِ رسول! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي انهيءَ طرزِ عمل (يعني حُسنِ اَخلاق) کي سامهون رکندي اڄ اسان غورو فڪر ڪريون تہ اسان جو اخلاق ڪهڙو آهي، اسان تہ سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ پاڻ تي لازم سمجهون ٿا، ڪو اسان سان بداخلاقي سان ڳالهہ ڪري تہ اسان ان کي ان کان وڌيڪ بداخلاق تي ڏيکارڻ پسند ڪيون ٿا، ڪنهن سان ڪا غلطي بہ ٿي وڃي ۽ هو ان تي معافيون گهرندو وتي تڏهن بہ اسان ان کي معافي ناهيون ڏيندا- اهي سڀ دين کان دوري ۽ جهالت وارا ڪم آهن-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين- جهڙي طرح بين خوبين ۾ آقا عَلَيهِ السَّلام جو ڪو مٽ نہ هو اهڙي طرح جسماني طاقت ۾ بہ پاڻ عَلَيهِ الصَّلوٰةُوَالسَّلام بي مثل ۽ بي مثال هئا- اچو انهيءَ باري ۾ هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا:

## ڇٽان جو ٽٽڻ

مشهور صحابي رسول حَضرتِ سَيدُنا جَابر رَضِیَ اللهُ عَنْه بَيان ڪن ٿا تہ (غَزوَه خَندق جي موقع تي) خَندق (کاهي) کوٽڻ مهل اوچتو هڪ اهڙي ڇَٽان ظاهر ٿئي جيڪا ڪنهن کان بہ نہ ڀڳي ٽُٽي- جڏهن اسان بارگاهِ رِسَالَت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اها ڳالهہ عَرض ڪئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُٿيا، ٽن ڏينهن جي بُک هئي ۽ پيٽ مُبارَڪ تي پٿر ٻڌل هو، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مُبارَڪ هٿ سان ڀاهوڙو هنيو تہ اها ڇٽان واريءَ جي ذرڙن وانگر پورا پورا ٿي وئي- (بخاري،كتاب المغازي،باب غزوة الخندق، الحديث :۴۱۰۱، ۳/۵۱) هڪ ٻي رِوَايت ۾ هيئن بہ آيو آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڇٽان تي ٽي ڀيرا ڀاهوڙو هنيو، هر ڌڪ تي

ان مان هڪ روشني نڪرندي هئي ۽ ان روشني ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شام ۽ اِيران ۽ يمَن جي شهرن کي ڏسي ورتائون ۽ انهن ٽنهي مُلڪن جي فَتح ٿيڻ جي صَحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي بِشارَت ڏنائون-

(المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني،باب غزوة الخندق...الخ، ٣١/٣ )

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ٻي روايت ۾ هي بہ آهي تہ حَضرت سَيدُنا جَابِر رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا تہ مسلسل بُک سبب نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شڪمِ اَقدَس (پيٽ مبارڪ) تي پٿر ٻڌل ڏسي منهنجي دل پرجي آئي، مان حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اِجازَت وٺي پنهنجي گھر موٽيس ۽ پنهنجي گھرواريءَ کي چيم تہ مون نبي اَڪرَم، نُورِ مُجَسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ايتري قَدر شديد بک جي حالت ۾ ڏٺو آهي جو مون ۾ صَبر جي تاب ناهي رهي- ڇا گھر ۾ ڪجھ کاڌو آهي؟ هو چوڻ لڳي تہ گھر ۾ هڪ صَاع (تقريباً چار ڪلو) جَوَن جي علاوه ٻيو ڪجھ بہ ناهي، مون چيو تہ تون جلدي سان انهن جَون کي پيهي ڳُوهي وٺ، پوءِ مون پنهنجي گھر جي سانديل هڪ ٻڪري جو ٻچو ذَبح ڪري ان جون ٻوٽيون ناهيون ۽ گھرواريءَ کي چيم تہ جَلد کان جَلد ٻوڙ ۽ مانيون تيار ڪري وٺ، مان حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سڏي اچان ٿو، وڃڻ مهل گھرواري چوڻ لڳي: ڏسو! آقا عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام جي عِلاوه صِرف ڪجھ ئي اَصحاب کي گڏ آڻجو، ڇوتہ کاڌو گھٽ آهي، وڌيڪ ماڻھو آڻي مون کي رُسوا (Disgrace) نہ ڪجان-

حَضرت سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ عَنْه خَندق وٽ اچي آهستہ سان عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ صاع اٽي جون مانيون ۽ هڪ ٻڪري جي ٻچي جو گوشت مون گھر ۾ تيار ڪرايو آهي، تنهنڪري اوهان ڪجھ ماڻھن سان گڏ هلو ۽ ماني کائي وٺو، اهو ٻڌي حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ اي خَندق وارو! جابر دَعوت طَعام (کاڌي جي دعوت) ڏني آهي، تنهنڪري سيئي ماڻهو ان جي گھر هلي کاڌو کائي وٺو، پوءِ مون کي فرمايائين تہ جيستائين مان نہ اچان مانيون نہ پچائجان، پوءِ جڏهن حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تَشريف فرما ٿيا تہ ڳُوهيل اٽي ۾ پنهنجو لُعابِ دَهن (مبارڪ ٿُڪ) وجهي بَرَڪت جي دُعا ڪئي ۽ گوشت جي ديڳڙيءَ ۾ بہ پنهنجو لُعابِ دَهن وڌائون- پوءِ ماني پچائڻ جو حڪم ڏنائون ۽ فرمايائون تہ ديڳڙي چُلھ تان لاٿي نہ وڃي- جڏهن مانيون پچي ويون

تہ حَضرتِ سَيدُنا جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي گهرواريءَ ديڳڙي مان گوشت ڪڍي ڏيڻ شُروع ڪيو، هڪ هزار صَحَابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ڍئو ڪري ڪاڏو پر ڳوهيل اٽو اوتري جو اوترو ئي رهجي ويو ۽ ديڳڙي بہ چُلهي تي ٺهڪندي رهي-
(بخاري،ڪتاب المغا زي، باب غزوة الخندق. ..الخ، ۵۱/۳ حديث:۴۱۰۲،۴۱۰۱ ملخصا)

حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ پوءِ نبي ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ٿانوَ جي وچ ۾ هڏين کي جمع ڪيو ۽ انهن جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڪجهہ ڪلام پڙهيائون جنهن کي مون نہ ٻُڌو، هينئر جنهن جو گوشت ڪاڌو ويو اها ئي ٻڪري هڪدم ڪن چنڊيندي اٿي بيٺي! پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو پنهنجي ٻڪري ڪاهي وڃو! مان ٻڪري پنهنجي گهرواريءَ وٽ آندي. هوءَ (حيرت مان) چوڻ لڳي، هي ڇا؟ مون چيو، وَاللّٰہ! هيءَ اسان جي اها ئي ٻڪري آهي جنهن کي اسان ذَبح ڪيو هو. **دعاءِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان اَللّٰہ تعاليٰ هن کي زندهہ ڪيو آهي! اهو ٻُڌي سندن گهرواري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا بي اختيار چوڻ لڳي، مان گواهي ٿي ڏيان تہ بيشڪ اهي اللّٰہ پاڪ جا رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن- (الخصائصُ الڪبريٰ، ۲/ ۱۱۲)

مُردوں کو جِلاتے ہیں رَوتوں کو ہنساتے ہیں　　آلام مٹاتے ہیں بگڑی کو بناتے ہیں
سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں　　سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هن واقعي مان اسان کي ڪيئي درس ملن ٿا، غورِ ڪريون تہ هڪ ڇٽان جيڪا ڪيئي صحابہ ڪرام گڏجي بہ ٽوڙي نہ سگهيا آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم باوجود ان جي جو ڪيئي ڏينهن کان بکايل هئا، ڪجهہ نہ ڪاڌو هو- پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌل هئا پر پوءِ بہ جڏهن پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي دَستِ مُبارَڪ سان هڪ ئي ڀاهوڙو هنيو تہ اها سڄي ڇٽان واريءَ جي ذرڙن وانگر پورا پورا ٿي وئي- هن مان معلوم ٿيو تہ مديني جا سلطان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هرگز اسان جهڙا نہ آهن- حضور جهڙو نہ ڪو ٿيو آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو- اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ الله

عَلَيْهِحضرتِ جبريل امين عَلَيهِ السَّلَام جي ترجماني ڪندي ڇا خوب فرمائن ٿا:

يہی بولے سدرہ والے چمنِ جہاں کے تھالے

سبھی میں نے چھان ڈالے ترے پایہ کا نہ پایا

تجھے یک نے یک بنایا

(حدائقِ بخشش،ص۳٦۳)

اي عاشقانِ رسول! حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي واقعي تي غور ڪريو! اسان جو معاملو اهو آهي تہ جيڪڏهن اسان وٽ ڪاڏو گهٽ هجي ۽ ڪائڻ وارا ماڻهو گهڻا تي وڃن تہ ڪاڏي جي مقدار وڌائڻ ڪان علاوه ٻيو ڪو چارو ناهي هوندو، تقريبًا چار ڪلو اٽو ۽ ٻڪري جو ٻچو چاهي ڪيترو بہ صحت مند هجي مشڪل سان پنجاھ سٺ ماڻهن جي پيٽ ڀري ڪائڻ جو سامان بڻجي سگهي ٿو- پر نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لعابِ دهن جي برڪت سان ايترو ڪاڏو نہ صرف صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي مڪمل جماعت ڪي پورو ٿي ويو بلڪ جيترو پچايو هو اوترو ئي باقي بچيل رهيو- ۽ پوءِ ٻڪري جي بچيل هڏين تي ڪجھ پڙهيائون تہ اها گوشت ۽ کل سميت ڀهريان جهڙي ٻڪري ٿي ڪن ڇنڊيندي بيهي رهي، اها حڪايت سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪيئي ڪمالات جي جامع آهي-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مسجد درس"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن دور ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني تحريڪ عشقِ رسول ۽ محبتِ رسول جا جام ڀري ڀري پيئاريندي آهي، اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا بڻجي وڃو- اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه روزانو گهٽ مان گهٽ 2 ڪلاڪ مدني ڪمن جي لاءِ ڏيڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي آهي- يقيناً جيڪو جيترو وڌيڪ وقت ڏيندو، اِنۡ شَآءَ الله ان جي لاءِ ثواب ڪمائڻ جا موقعا بہ

ايتري قدر گھٽا هوندا- اِنْ شَآءَاللّٰه
ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”مسجد درس“ بہ آهي- ★”مسجد درس“ سان مسجدون آباد ٿين ٿيون- ★ ”مسجد درس“ سان انفرادي ڪوشش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي-★ ”مسجد درس“ سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي-★ ”مسجد درس“ جي برڪت سان پلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي- پلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي، جيئن
منقول آهي تہ الله ڪريم حضرتِ سَيدُنا مُوسيٰ عَلَيه السَّلاَم ڏانهن وَحي فرمائي: پلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان پلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نہ ٿئي- (حِليۃُ الاَولياء،٦/٥،حديث:٧٦٢٢) بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ سٺين سٺين نيتن سان سُنَّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا ٻاڳ ڪلي پوندا آهن، اِنْ شَآءَاللّٰه اُنهن جون قبرون اَندر کان جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو- اچو! ترغيب لاءِ ”مسجد درس“ جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مدني بهار

تعلقو پلوال (پنجاب، پاڪستان) جو رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان بدمذهبيت جي تاريڪ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هو، بدمذهبن جي صحبت جي نحوست جو رنگ ايتري قدر غالب هو جو دعوت اسلامي جي نالي سان بہ چڙ هئي، ان جا ڏينهن رات انهيءَ بغض و عناد ۾ گذري رهيا هئا، هڪ ڏينهن هو پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ مغرب نماز جي ادائيگي جي لاءِ ويو، نماز کان پوءِ مسجد ۾ درس (درسِ فيضانِ سُنّت) ٿي رهيو هو، اَن جي خوش قسمتي جو هو درس ۾ شريڪ ٿي ويو- اَن کان پوءِ ان اسلامي ڀاءُ سان جهيڙي واري انداز ۾ بحث مباحثو شروع ڪيائين پر هو اسلامي ڀاءُ گھڻي پياري انداز ۾ دعوتِ اسلامي جي ماحول جون برڪتون ٻڌائڻ سان گڏوگڏ سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو ذهن

ﺑہ ڏينڊا رهيا، الله ڪريم جي فضل و ڪرم سان هو هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿِي ويو، سُنتن ڀري اجتماع ۾ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان پوءِ ذِڪرُ الله ۽ آخر ۾ رقت انگيز دعا تہ ان جي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي-اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ماحول سان وابستہ ٿي ويو-

ہے تجھ سے دعا ربِّ اکبر! مقبول ہو ''فیضانِ سُنّت'' مسجد مسجد گھر گھر پڑھ کر، اسلامی بھائی سناتا رہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان آقا عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي جسماني طاقت جي باري ۾ پڙهي رهيا هئاسين- يقيناً الله ڪريم پنهنجي پياري محبوب عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي بي مثال طاقت عطا فرمائي هئي جنهن جو ڪائنات ۾ ڪو مثال نٿو ملي، اهو ئي سبب هو جو وڏي ڪان وڏو پهلوان پاڻ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪان مقابلي جي سگهہ نہ رکندو هو، اچو هن باري ۾ ﺑہ واقعا ٻڌون ٿا:

## يزيد بن رُڪانہ سان مقابلو

(1) بيان جي شروع ۾ اسان رُڪانہ پهلوان جو واقعو ٻڌو هو- ان جو هڪ پٽ هو جنهن جو نالو يزيد هو، هو ﺑہ ناليوارو پهلوان هو- هڪ ڀيري هو ٽي سؤ ٻڪريون ڪاهي بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ اي محمد! (صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان مون سان ڪُشتي وڙهو- رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون تہ جيڪڏهن مان توکي ڪيرائي وڌو تہ تون مون کي ڪيتريون ٻڪريون انعام ۾ ڏيندين؟ ان چيو تہ هڪ سؤ ٻڪريون مان اوهان کي ڏيندس- حضور صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تيار ٿي ويا ۽ ان سان هٿ ملائيندي ئي ان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ هو حيرت وچان پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو منهن ڏسڻ لڳو ۽ واعدي جي مطابق هڪ سو ٻڪريون ان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏئي ڇڏيون- وري ٻيهر ان ڪُشتي وڙهڻ جي لاءِ چيلنج ڏنو- رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻئين ڀيري ﺑہ ان کي هارائي ڇڏيو- ان وري هڪ سؤ ٻڪريون پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏنيون-

وري ٽئين ڀيري ان ڪشتيءَ جي لاءِ للڪاريو- پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جو چيلنج قبول فرمائي ورتو ۽ ڪُشتي وڙهي ان کي ايترو زور سان زمين تي هنيو جو هو پنيءَ ڀر وڃي ڪريو- ان باقي هڪ سؤ ٻڪرين کي ٻه پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو- پر چوڻ لڳو ته اي محمد! سڄو عرب شاهد آهي ته اڄ تائين ڪو پهلوان مون کي ناهي هارائي سگهيو پر اوهان ٽي ڀيرا مونکي جهڙي نموني ڪُشتيءَ ۾ هارايو آهي هن سان منهنجي دل مڃي وئي آهي ته يقيناً اوهان خدا جا نبي آهيو، اهو چيائين ۽ ڪلمو پڙهي دامنِ اسلام ۾ اچي ويو- حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي مسلمان ٿيڻ سان بيحد خوش ٿيا ۽ ان جون ٽي سؤ ٻڪريون واپس موٽائي ڏنيون- (زرقاني علي المواهب،الفصل الثاني فيما اکرمه الله ...الخ ۱۰۳/٦،

حُسن ہے بے مِثل صورت لاجواب میں فدا تم آپ ہو اپنا جواب
ہیں دعائیں سنگِ دشمن کا عوض اس قدر نرم ایسے پتھر کا جواب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي نگاهِ مصطفيٰ سان ڄاڻي ورتو هو ته جيڪڏهن يزيد بن رُڪانه سان اهڙو سلوڪ ڪيو ويندو ته اهو ايمان آڻيندو، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن سان مقابلو فرمايو ۽ بعد ۾ سموريون ٻڪريون تحفي طور واپس ڪري ڇڏيون. انهيءَ حسن سلوڪ جي بدولت اهو ايمان ڪٺي آيو. بهرحال اهي واقعا تربيت جي زماني جا آهن، اسان انهن کي دليل طور نٿا پيش ڪري سگهون. هاڻي اسان کي هرحال ۾ هر ان ڪم کان بچڻو آهي جنهن کان شريعت منع ڪري ٿي.

## جُوا جي تعريف ۽ ان جون ڪجھ صورتون:

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلھ مسلمانن ۾ جيڪي حرام ڪم تيزي سان ڦهلجي رهيا آهن، انهن مان هڪ جوا به آهي. جوا جون ڪجھ اهڙيون به صورتون آهن جو ماڻهو لاعلمي جي ڪري انهن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. جوا

چوندا ڪنهن آهن؟ پهريان اهو ٻـ ٻڌي ونو: هر اها راند جنهن ۾ اها شرط هجي تـ مغلوب(يعني ناڪام ٿيڻ واري ) جي ڪاشيءِ غالب(يعني ڪامياب ٿيڻ واري) کي ڏني وڃي اها "قِمار" (يعني جوا) آهي. (التّعريفات ص ١٢٦)

ياد رکو! جوا حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. اڄ معاشري ۾ ڪيئي طرح سان جوا جون صورتون رائج آهن. جيئن موبائل تي مختلف سوالن تي مشتمل ميسيج موڪليا ويندا آهن، جنهن ۾ مثلاً ڪهڙي ٽيم ميچ کٽيندي؟ يا پاڪستان ڪهڙي ڏينهن ٺهيو هو؟ صحيح جواب ڏيڻ وارن لاءِ مختلف انعام رکيا ويندا آهن، شرڪت ڪرڻ وارن جي"موبائل بيلنس" مان ڪجھ رقم مثلاً 10 روپيہ ڪٽي ويندي آهي، جن جو انعام ناهي نڪرندو انهن جي رقم ضايع ٿي ويندي آهي، اها بہ جوا آهي جيڪو حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. انهيءَ طرح اسان وٽ هتي مختلف رانديون مثال طور گهوڙا ڊوڙائڻ، ڪرڪيٽ، ڪيرم، بليرڊ، تاس، شطرنج، وغيره ٻن ڌرين وچ ۾ شرط لڳائي ڪيڏيون وينديون آهن تہ هارڻ وارو کٽڻ واري کي ايتري يا فلاڻي شيءِ ڏيندو(يا کاڌو کارائيندو وغيره) هي بہ جوا آهي ۽ ناجائز ۽ حرام آهي. ڪيرم ۽ بليرڊ ڪلب وغيره ڪيڏندي وقت عام طور اها شرط لڳائي ويندي آهي تہ ڪلب جي مالڪ جي فيس هارڻ وارو ادا ڪندو، اها بہ جوا آهي. ڪجھ"نادان" گهرن ۾ مختلف راندين مثلاً تاس يا چڪي راند تي بہ ڌريون شرط لڳائي ڪيڏنديون آهن ۽ علم جي ڪمي جي سبب هن ۾ ڪو حرج ناهن سمجهندا، اهي بہ سنيلجي وڃن تہ اها بہ جوا آهي ۽ جوا حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪو ان ۾ مبتلا ٿيو هجي تہ ان کان فوراً توبہ ڪرڻ گهرجي ۽ جوا جي ذريعي حاصل ڪيل رقم کي ڪهڙي طرح واپس ڪرڻو آهي. هن بابت مفتيانِ ڪرام سان رهنمائي ورتي وڃي. الله پاڪ اسان کي هر طرح جي گناهن کان محفوظ فرمائي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ابوالاسود سان مقابلو

(2) اهڙي طرح اَبُوالْاَسوَد جُمَحِي به وڏو طاقتور پهلوان هو، ان جي باري ۾ اچي ٿو ته هو ايترو طاقتور هو جو هڪ چمڙي تي ويهي رهندو هو ۽ ڏهه پهلوان ان چمڙي کي ڇڪيندا هئا ته جيئن هو چمڙو ان جي هيٺان نڪري وڃي پر اهو چمڙو ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جي باوجود ان جي هيٺان نه نڪرندو هو- هڪ ڀيري ان به بارگاهِ اقدس ۾ اچي اهو چيلنج ڪيو ته جيڪڏهن رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ڪشتيءَ ۾ ڪيرائي وڌو ته مان مسلمان ٿي ويندس- حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان ڪُشتي وڙهڻ جي لاءِ اٿي بيٺا ۽ ان جو هٿ پڪڙيندي ئي ان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو- هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن طاقتِ نبوت سان حيران ٿي يڪدم مسلمان ٿي ويو-

(زرقاني علي المواهب،الفصل الثاني فيما اكرمه الله ...الخ، ١٠٣/٦)

مجھ سے بے کس کی دولت پہ لاکھوں درود مجھ سے بے بس کی قوّت پہ لاکھوں سلام

جس کو بارِ دو عالم کی پروا نہیں ایسے بازو کی ہمّت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش، ص٢٩٧-٣٠٣)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! الله پاڪ پنهنجي محبوب عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام کي ڪيتري جسماني طاقت عطا فرمائي هئي- ياد رکو! شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به پيٽ ڀري ڪاڌو نه کاڌائون ۽ نه ئي پاڻ پهلواني ڏانهن متوجهه ٿيا هئا، ان جي باوجود به ايتري قدر طاقت ۽ توانائي جو سندن کان ظاهر ٿيڻ اهو سندن جو معجزو به آهي- ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلبِ اطهر جي طاقت ۽ قوت ته قرآنِ پاڪ مان به ظاهر آهي. سيپاري28 سورة الحشر آيت نمبر21 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ

**ترجمو:** جيڪڏهن اسان هي قرآن ڪنهن جبل تي لاهيون ها ته ضرور تون ان کي جهڪيل، الله جي خوف کان ذرا ذرا ڏسين ها
(پ۲۸، الحشر :۲۱)

تفسيرِ صراط الجنان ۾ هن آيت ڪريمه جي حوالي سان لکيل آهي: يعني قرآن ڪريمَ جي عظمت ۽ شان اهڙي آهي ته جيڪڏهن ان کي ڪنهن جبل تي لاهي ها ۽ ان کي انسان جهڙي سمجهه عطا فرمائي ها ته انتهائي سخت ۽ مضبوط هئڻ جي باوجود توهان ان کي ضرور جهڪيل ۽ اللّٰه پاڪ جي خوف سبب ريزا ريزا ٿيندي ڏسو ها. ( مدارک، الحشر، تحت الآية: ۲۱، ص۱۲۲۸، خازن، الحشر، تحت الآية: ۲۱، ۲۵۳/۴، ملتقطاً) هن آيتِ مبارڪ مان اشاري طور معلوم ٿيو ته حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو قلب شريف جبل کان به وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط آهي ڇوته پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اللّٰه پاڪ جو خوف ۽ اسرارِ الاهي سان واقفيت ڪامل طريقي سان حاصل ٿيڻ جي باوجود حضور پنهنجي مقام تي قائم آهن.

ياد رهي ته هتي آيتِ ڪريمه ۾ قرآن ڪريم مان مراد اللّٰه پاڪ جو ڪلام آهي ۽ لاهڻ مان مراد هن ڪلام کي ان جي عظمت جي ظهور سان لاهڻ مراد آهي يعني جيڪڏهن اسان قرآنِ ڪريم کي ان جي عظمت ظاهر ڪندي جبل تي لاهيون ها ته ان جي تجلينَ کي سهي نه سگهي ها ۽ ڦاٽي پوي ها. (صراط الجنان،پ ۲۸،الحشر،تحت الآية :۱۰،۹۳/۲۱ ملخصاً)

چاند اشارے کا ہِلا حکم کا باندھا سورج واہ کیا بات شہا تیری توانائی کی

(حدائقِ بخشش، ص۱۵۴)

**شعر جي وضاحت:** يعي سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اشاري سان چنڊ جا ٻه ٽڪرا ٿي پيا ۽ سج واپس عصر جي وقت تي اچي ويو. اهڙا اهڙا ڪمالات ڏسي چوٽو پوندو ته آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي طاقت ۽ توانائي جي ڇا ڳالهه ڪجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**شعبہ اَئِمّہ مساجد**

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين جو وڏيڪ شوق ماڻڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي وڃو- اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 107 شعبن ۾ دين متين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو ''مجلس آئِمَّہ مساجد'' بہ آهي، جيڪو مَسجدن جي آبادڪاري جي لاءِ آئمَّہ (امامن) خطيبن ۽ مُؤذِّنن جي تَقرُّرِي جو ڪم سَراَنجام ڏيندي آهي ۽ انهن جي خَيرخَواهي ڪندي مناسب مُشاهرو (پگهار) بہ مُقَرَّر ڪندي آهي، تہ جيئن هي اسلامي ڀائر مُعاشي پريشانين مان آزاد ٿي خُوب خُوب نيڪي جي دعوت عام ڪندا رهن- مَسجدن کي آباد ڪرڻ ۾ امامن ۽ مُؤذِّنن جو اَهمّ ڪردار هوندو آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته امام سڳورا، صداءِ مدينہ، اِنفِرادي ڪوشش جي ذَريعي باجماعت نماز جي رَغبت، مَدَني درس، چوڪ درس، بعد نمازِ فَجر تفسيرِ قرآن جي حلقي ۾ شِرڪت ڪرڻ ڪرائڻ، ۽ سُنَّتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني قافلن جي بَرڪت سان مَسجدن کي آباد رَکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، فرمان مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جيڪو مسجد سان اُلفت (محبت) رکندو آهي، اللّٰه ان سان مَحَبَّت ڪندو آهي- (مُعْجَمُ اَوْسَط، ۴/۴۰۰،حديث: ۶۳۸۳) حضرت علّامہ عبد الرّؤف مَناوِي رَحْمَةُ الله عَلَيه لکن ٿا: مسجد سان اُلفت، رضاءِ اِلٰهي جي لاءِ ان ۾ اعتڪاف، نماز، ذِڪرُ الله ۽ شَرعي مَسئلا سکڻ سيکارڻ جي لاءِ وينو رهڻ جي عادت بڻائڻ آهي ۽ الله پاڪ جو ان ٻانهي سان مَحَبَّت ڪرڻ هن طرح آهي جو الله پاڪ ان کي پنهنجي رَحمت ڀري ڇانوَ ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو آهي ۽ ان کي پنهنجي حِفاظت ۾ داخل فرمائيندو آهي- (فيض القدير، ۶/۱۱۲، تحت الحديث:۸۵۲۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي:

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

اچو! شيخ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

## سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

◈ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو ته جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي ته نڪري وڃي ◈ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا **ترجمو: اي الله!** مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ◈ **عصر کان پوءِ نه سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي- فرمان مصطفي** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو ته پاڻ کي ملامت ڪري-“ (مسند ابي يعلي ج 4 ص 278 حديث 4897) ◈ منجهند جو قيلولو (ڪجهه دير ليٽڻ) مستحب آهي- (فتاوىٰ هندية،۵/۳٤٦) ◈ صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: غالباً هي انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪرِ اِلٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن ته جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي- (بهارشريعت ج 3 ص 435) ◈ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروهه آهي- (عالمگيري ج 5 ص 376) ◈ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي ته پاڪائي سان سمهي ۽ ◈ ڪجهه دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمهي- (ايضا) ◈ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير به گڏ نه هوندو ◈ سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي- (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، سُبْحٰنَ الله ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن

[1]...مشکاة المصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

حالت تي سمهندو آهي ان تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي ان تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو- (ايضا) ◈ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو:اَلْحَمْدُ لِلّٰہ الَّذِیۡ اَحۡیانَا بَعۡدَ مَآ اَمَا تَنَا وَاِلَیہ النُّشُوۡرُ- (بخاري،۱۹٦/۴،حديث: ٦۳۲۵) **ترجمو:** سڀ تعريفون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ◈ انهي وقت پڪو ارادو ڪري ته پرهيزگاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو- (فتاويٰ هندية،۵/۳٤٦)، ◈ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نه سمهي- (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629) ◈ زال مڙس جڏهن کٽ تي گڏ سمهن ته ڏهه سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نه سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حدِ شهوت کي پهچي ته اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي- (درمختار ج 9 ص 630) ◈ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ◈ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو ته وڏي سعادت آهي- سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: "فرض کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي-" ( مُسلِم،ص ۵۹۱ حديث: ۱۱٦۳)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

# ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ اللّٰه! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: ”فيضانِ رَبيعُ الْآخِر“ جنهن ۾ حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت جي حوالي سان ڪجھ مفيد ڳالهيون بيان ٿينديون، رَبيعُ الآخِر ڪي ڪهڙي نموني گذارڻ گهرجي، بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم هن مهيني جي مناسبت سان ڪهڙين عبادتن جو ذڪر فرمايو آهي هن حوالي سان ٻڌائينداسين، آخر ۾ ماهِ رَبيعُ الْآخِر ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نسبت سان يارهين جي تعريف ۽ ان جون برڪتون به بيان ٿينديون- لهٰذا! آئنده جمعرات به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ اللّٰه

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. [1]

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام

---

[1] …افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3] …افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305